# واٽون ڦلن ڇانئيون



## شيخ اياز

Gul Hayat Institute

# واڑون قلن چانگیونٔ

Gul Hayat Institute

# واٽون ڦلن ڇانئيون

(شاعري)

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

١٩٨٥ع

## سڳنڌ پبليڪيشنس جو ايڪويهون ڪتاب

ڪتاب : واٽون ڦلن ڇانئيون
شاعر : شيخ اياز
ڇپائيندڙ : زيب سنڌي
پاران : سڳنڌ پبليڪيشنس، جناح باغ روڊ، لاڙڪاڻو
ڇپيندڙ : سهڻي پرنٽرس، آلهندو ڪچو، حيدرآباد سنڌ
ڇاپو : پهريون
تعداد : هڪ هزار
تاريخ : جولاءِ ١٩٨٥
قيمت : ١٥-٠٠
پڪو جلد : ٣٥-٠٠

ملڻ جو هنڌ
سڳنڌ ڪتاب گهر
جناح باغ روڊ، لاڙڪاڻو سنڌ

Gul Hayat Institute

WATOON PHULAN CHHANEYOON, Poetry in Sindhi. by Shaikh Ayaz, Published by Zeb Sindhi, For Sugandh Publications, Larkana, Sindh. Pakistan. First Edition, July 1985.
Price Rs. 15/- Per Copy.

# ڳالهيون

سمنڊ کي پنهنجون گهٽيون آهن،
سوڙهيون ۽ وڪڙيون،
جن ۾ آوارا مڇيون،
چڪر ڪاٽينديون آهن.
(اياز)

ها!
اياز جي شاعري
هڪ سمنڊ آهي
(جنهن جو ڪوئي انت نه آهي)
۽ انهيءَ سمنڊ کي پنهنجون گهٽيون آهن
سوڙهيون ۽ وڪڙيون
نه ڄاڻ ڪيتريون
جن مان اڄ جي ڪيترن ئي
شاعرن پنهنجا رستا ڳولي لڌا آهن
۽ سڀان جا ڪيترائي شاعر
انهن گهٽين مان گذرندا.

زيب سنڌي.

Gul Hayat Institute

(٣)

ٿالهه ڪٿي روپڙو مينڌي ڀُسايو
دودل گهر آيو
ٽيءَ جيان ڌيرڙو تنبو لڳايو
دودل گهر آيو
پورڙيون نينگريون ساهون وڌايو
دودل گهر آيو
ڏونڪلڙا پير تي وَر وَر وڇايو
دودل گهر آيو
دودل جو ديس ليه لايو سجايو
دودل گهر آيو.

Gul Hayat Institute

## ٥

مٺان ڳالهايو

ڳوڙها ڳاڙيو ڳجهه ۾

سوڍل لهندو لانوڙي
رَسيي لڙڪايو

ڳوڙها ڳاڙيو ڳجهه ۾

نين ندوريءَ رات جا
تارا ٽمڪايو

ڳوڙها ڳاڙيو ڳجهه ۾

هي جو سنڌ وهانوَ جو
وَرنهه ورايو

ڳوڙها ڳاڙيو ڳجهه ۾

ڏو ڏو ڏسامن ڪئي
ڪو ڇاجي آيو؟

ڳوڙها ڳاڙيو ڳجهه ۾

—

Gul Hayat Institute

(٣)

وسڻون ناهي وڇڙي
الهي اڄهاڻو،

مان ۽ پنڌ پهاڙ جا!

نه ڪا ٽم ٽم باهڙي
نه ڪو ٽانڊاڻو،

مان ۽ پنڌ پهاڙ جا!

نه ڪي تارا آڀ ۾
نه ڪو ٽانڊاڻو،

مان ۽ پنڌ پهاڙ جا!

نه ڪي ساٿي سنگ جا
نه ڪو اوراڻو،

مان ۽ پنڌ پهاڙ جا!

نه ڪي پيرا پيچري
ڏانهن نه ڪو ڏاڻو

Gul Hayat Institute

مان ۽ پنڌ پهاڙ جا!

رٻا! تون ئي چنڊ ڪٿي
پليءَ جو پاڻو؟

مان ۽ پنڌ پهاڙ جا!

رُنو رُليي سانجهه
ڪيچ نہ پهچي ڪاشي

وڇڙ لڳي موت جي
جهرڻي جهڙي جانجهه
ڪيچ نہ پهچي ڪاشي

او نداهي ۽ اوهري
واريا سي پيٽ وانجهه
ڪيچ نہ پهچي ڪاشي

جيئڻ ٿي جنجار هو
اڳتي نانهه آڳانجهه
ڪيچ نہ پهچي ڪاشي

Gul Hayat Institute

---

آڳانجهه ـ مشڪلات، درد.

(٦)

ساٿي سُرنگا
ڪنهنجو توهه مڱا
مون من تو مونجهو ڪيو

ويٺو رَتُ آگهان پيو
اڃا تو آڱا
مون من تو مونجهو ڪيو

ڪيڏي ڪَٽَ ڪٽارڻين
ڪيڏا لالَ لڳا!
مون من تو مونجهو ڪيو

هن ڏاڏاڻي ڏيهه ۾
دوکا دورنگا
مون من تو مونجهو ڪيو

ويري توڙيي واهرو
ڦاهن چيتِ چڱا؟
مون من تو مونجهو ڪيو



Gul Hayat Institute

○

تون جو ٿيءَ ناهُ
ٻيهر آيري آهُ
لِڪَ لڪائي ڪيٽري

جيئن ڪاريهر ڇپ ني
اهڙو ٻولُ ٻراهه
لِڪَ لڪائي ڪيٽري

آندي آئي جيئن ٿئي
واريءَ مٿان واءُ
لِڪَ لڪائي ڪيٽري

جُهرندو جهوناڳڙهه ڪڏهن
ڪوئي چنگ چتاءُ!
لِڪَ لڪائي ڪيٽري

Gul Hayat Institute

ڳچيءَ لاءِ ڳٽِلُ
پرين ۾ ٿي پٽِلُ
آڇُ نه ڏوسان اوريان

سانجهيءَ سيجُ هڏي ڇڪو
۾ ٿي پڪي پٽِلُ
آڇُ نه ڏوسان اوريان

اوندهه ڪان ٿي اکيُ ۾
ملڻي ناڻهه متهلُ
آڇُ نه ڏوسان اوريان

ڪاري ڪارونڀار ۾
ڪنهن کي ڪنهن جي ڪٽلُ
Gul Hayat Institute
آڇُ نه ڏوسان اوريان

---

پٽِلُ — درياهه جي لهي وڃڻ کان پوءِ ظاهر ٿيل زمين.

○

ساںجھي سانگ ۽ ڀڪِي،
سِرهُ جي آڪاس ۾

ساجن سنيھو ڏنو ڇا ڪِنهن ڪانگ، سڪي؟
مون ڪجرايون اکڙيون نه مون مانگ مڪي،
ڇو هُن منهنجي راتڙي ڪاري نانگ ڪکي؟

—

Gul Hayat Institute

(٤)

تنهنجي تات ِ تڳاھ
تنهنجي توھ ۾ جيئان پيو

مون کان پوھ منهنجا پرين
سڌ نہ هوندو ساھ
تنهنجي توھ ۾ جيئان پيو

پنڌ تڪيندو پير ڙا
واڪا ڪندو واھ
تنهنجي توھ ۾ جيئان پيو

لڪن ۾ پيو لڙڪندو
منهنجو لوڻ لڳاھ
تنهنجي توھ ۾ جيئان پيو

Gul Hayat Institute

ڪهڙيءَ پر ايندين پرين
ڪنهن کي سڌ سماھ!
تنهنجي توھ ۾ جيئان پيو

(١)

ٻُڌي مون نہ سُڌاھ

مون پڇاڻان سپرين

جي چاهين، مون جهڙي آءُ آڇيي ڪَرَ لاءِ!
مون ڪان پو آڏين تہ چا بيوس نہ ٻهلاءِ
ڏرتيءَ مَٿ ڏِڏاڙ ٿيي هٿين هيٺ سماءِ
مون جي ڳجرا پوڙيا منهنجي هٿان پاءِ!

---

Gul Hayat Institute

## ۵

وو وو ويچارا
ووهه ميان، وو وو ميان!

او، مان چاڻان ڪيچ ڏي چانگن جا چارا
ووهه ميان، وو وو ميان!

او، هو جهڙ جي جهاڳ ۾ ڏمڪن ٿا تارا
ووهه ميان، وو وو وو ميان!

ڪيڏي ڏونگر چوٽ تي تن جا ڏيکارا!
ووهه ميان، وو وو وو ميان!

پڪ نه آ هو پهچندا لڪ لڪا سارا
ووهه ميان، وو وو وو ميان!

Gul Hayat Institute

کنهن کي پُڪاريان

ڪاٿي ناوَ نه ناکئو!

ڪِنن هي سِتَرُ ساتِ سان تار منجهان تارِيان!
ڇا اڄ وَڻهي ونجهه سانِ ڳوڙها ڳل ڳاريان؟
پنهنجي پريتمَ پار کي واريءَ تي واريان!
ڪوبه افق تي ڪونه آ ڪنهن ڏي نهاريان!

Gul Hayat Institute

اَڄ اُسَتَ ماندِي

ٻهي ڪٿي ٻيرڙا

ڪيڏي اوچي ڪوٽ ۾ ٻيوسِ آ ٻانڌي!
نه سُو وارن واس آ نه ٻا ٻيراندي،
مٿون نه ٿيندي مارٿي هاڻي هيڪاندي،
جڳ ۾ تو هيءَ جنڊڙي آيل ڇو آندي؟

ڪيسين رَڱيب رڱا

تولـيه رتا مولهيا!

تَوڪان، تالهي ڪينرو، متو ڪمَن مڱا؟
چا هيي چڙهندا چوٽ تي تنهنجا ليڪ لڱا؟
چُپ تہ تي ويا چپ ٻئر چتوندو ڪير چڱا!

—

Gul Hayat Institute

○

آڪَّ مٿان ڦلڙيون    ٻهر مٿان ٻُورُ
پوءِ به پرين دُور

ڏونگرَ جي ڏاڪڻ    لڳن ڪچا چُور
پو به پرين دُور

چاڻُ لٿي راتڙي    پٿر ڪيو ٻُور
پو به پرين دُور

چمڪ اڙي چنڊڙا    گهاٽ مٿان گهُور
هاهِ پرين دور!
هاهِ پرين دور!

Gul Hayat Institute

([illegible])

مون کي ٺيون ماريِن
ساريِ جيٺاريِن،
ڪاريون ڪڄريون اکڙيون

ٺارَن پيريون راتڙيون
جِنَ لءِ جَرَ هاريِن،
ڪاريون ڪڄريون اکڙيون

ڏينهَن سارا ڏوجهرا
لاهي، آجاريِن،
ڪاريون ڪڄريون اکڙيون

مون جهڙي جهَپ لڳي وڃي
وَرَ وَرَ پُڪاريِن،
ڪاريون ڪڄريون اکڙيون

---



Gul Hayat Institute

٥

سيج لهي سانجهي ٿيو، سونا ٿيا سر
پاڻ وڃون ٿا وو ميان!

ڇني پيارن پيڪڙا لاهي گهنگهر گهر
پاڻ وڃون ٿا وو ميان!

ڪِنڪيون ڪونجون روھ جون واھ منجهان ورور
پاڻ وڃون ٿا وو ميان!

نہ ڪنهن سمر سات سان نہ ڪنهن سانگ سفر
پاڻ وڃون ٿا وو ميان!

Gul Hayat Institute

(٨)

آچا نه، او ياء
رَتا لاهي ڪپڙا!

نه مون روڪ رڪاب ڪان،
گهوڙي واڳ وتاه!

راڻاهي جي رات آ
رُت جي ريت نباه!

ڪيرو ڪالهه ڪيا تيا
ڪهڙي ڪارڻ لاه؟

پنهه ڪي چهي پاڌڙا
لهوه تلڪ لڳاه!
رَتا لاهي ڪپڙا!

—

Gul Hayat Institute

ولڙا جي رڻ جهاڳ
ٻيهڙا آهين ٻاڳ
تن جي توهه تڳي هيئون

ڏکڻ وڏائي واءُ جنهن
جن جي هٿن واڳ
تن جي توهه تڳي هيئون

ڏونگر متان ڏيئڙا
جن جي اکين آڳ
تن جي توهه تڳي هيئون

سيرجن سانوڻ مينهن جنهن
جن جي چپن راڳ
تن جي توهه تڳي هيئون

ليڪ چپ ڪني لوءِ ۾
مون سان منهنجي ماڳ
تن جي توهه تڳي هيئون

او شل آرهڙ سج ۾
چهڪي پيرين پاڳ
تن جي توهه تڳي هيئون

---

Gul Hayat Institute

ڇير ٻڌي ڇمڪي
ڇـَـن ڇـَـن وڄنا ميهڙا

ڪڪر پوپان وڄّ جو
ڇهـو ڦـو ڇمڪي
ڇـَـن ڇـَـن وڄنا ميهڙا

آيو انـــڌارو رنـڌڙو
ڦانـڊو نـه ڦمڪي
ڇـَـن ڇـَـن وڄنا ميهڙا

ڪيـسين ڪوڏي ڏيٿو،
رم جهم ۾ جهمڪي؟
ڇـَـن ڇـَـن وڄنا ميهڙا

—

Gul Hayat Institute

ميّهن وسندي مانَ
اچــن هـو مهمانَ
مٿان وسامين باهڙي!

مٿان آتـر پار کـان
اچـن کي طـوفانَ
مٿان وسامين باهڙي!

مٿان رم جهم رات کي
ڏکــو ڏئــي ڏانَ
مٿان وسامين باهڙي!

ٻيهر وسن وسَ مان
پنهنجا ساڳيا مڪان
مٿان وسامين باهڙي!

Gul Hayat Institute

●

ڪَٽر هاڙا ڪَٽهجڙي!
جتي وُڻ ويڙهي ٿيا
اُتي نہ رهجڙي!

●

وهندي ونجهہ هٿن
هيءَ جي مٿان مڪڙيءَ
آڙيون ٿيون اُڏرن

●

واڙيءَ ڦُل جهنڊانهن!!!
ماڪ ڪٽو رڙو ساٿيڙو
هيل ويو ڪيڏانهن؟؟؟



Gul Hayat Institute

●

ڪارونجهر تي چنڊ-
ماڄڻ! تنهنجيءَ سار ۾
مون سان سارو سنڌ!

●

مُڇي مهاڻي-
ڪيڏيءَ نمار هڳنڌ ۾
ڏوري نماڻي!

●

Gul Hayat Institute

ساروڻ ڳتل ڏيئي
ڪنهن هٿڻي جي ڏانگهه ۾
ٿڌي هنجهيڙي-

●

اڃا ووڙين ٿي؟
ڪٿي تورا ڏينهڙا
رنڍيا روڙين ٿي؟

●

چرخي نه گهُمون گهُمون
پورهيت پُنا ڏينهڙا —
آتڻ ۾ پوٽيون!

●

Gul Hayat Institute

ٽڪن ڪِنَ لنوَن،
ڪالهوڪا ڪترها پيا
اڃا ڪنڪون ڪِنَ!

●

سسئي ڇا لئيءَ وين!
جنهن کي لڳا ليلاٽ ۾
تنهنجا کهڙا سين!

●

”آتڻ پنهونءَ جو؟ پار“
”ڪتيون ڪاريءَ رات جون
”موتي منجهه متهار-“

●

Gul Hayat Institute

هميشه توسان
تارن ڀري راتڙي
هوندس، هوندس-مان

●

مان ۽ تنهنجو ٽانءُ
تو ۾ ٿاهه سڱيو ٿئي،
توسان هُري هانءُ —

●

ڏوراپو ڏيئي
وَيو وَرتَ هٿن مان
توکي ڏسنديئي —

Gul Hayat Institute

●

بَس، راتيون ڪاٽيون
هيل نہ مورن جون هيون
ڏونگرَ ڏياٽيون —

●

ڀَنڊو هِي سُڙهو،
ٻُوهه ۾ ڇوڏاڙي هيو
ويڙهيچن وِيڙهو!

●

ايڏا اَوچا ڪوٽَ!
کهڙي وات وٺي وَيا
گهوڙن سوڌا گهوٽَ؟

●

ڏونگر جا ڏاڪا -
چڙهندا ويا ڇوٽَ تي
ويڳس جا واڪا

●

او شل ويڙهہ وڄن!
چڙهيو ڏونگر چوٽين
مورَ ٽهوڪا ڪن!

●

او، شل برهڻ ٻرا!
اڄ ٻه اکِ جان آڄ ۾
ٿوهر مٿي ٿرا!

●

ٿڌا آهيان مان
هاءِ پر ڳنڍ ٻاچي جيان
ٿون جو آن مون سان!

Gul Hayat Institute

○

سونَ وٽ آڄ بہ آچِنِ
ڳاڙها پيرُوَن مُنڊ جا
ڪينگر منجهہ ڪڻين۔

●

سُرهہ، سانجهيءَ ونءَ
پَنَ ڇڻن ۾ ڪيڏا ڪٽيا
پنن مٿان پنَ!

۞

ڇوهہ نہ ڪوئي ڇتر،
آڙيون ڳاڙهيون آپ ۾
ڪارو سِري ڪينجهر۔



Gul Hayat Institute

ٽيهين تي ٽمڪي
واناهي جي رات آ
ڇپ پٺي ڇمڪي —

ڪتا ڀئونڪن ٿا
ڪاري رات اڪنڊ آ
چاري چئونڪن ٿا ـ

سنّ به ڪيڏي سنّ!
مون وانگر جن ننڊ ۾
پنهن جهنهن ڪن ٿا ڪنّ!



Gul Hayat Institute

●

سٽرن تي ٽارا ڏِسُ!
؟ هي ٽن ۾ ٻوهه جا
ٻويان ٻارا ڏِسُ! -

●

گهٽيون سِپُ گونگيون -
واڇٽ وڳا اوچتو
لنگهن ٿي لُونگيون!

●

Gul Hayat Institute

ڪيسين رهندا ڪوٽ؟
آيري ايندا اوچتو
چارين جا چاموٽ -

●

ڪارونجهر چوٽيون
جن کي رڙيون مور جون
ڇُهي نه موٽيون

●

ڪارونجهر ڪوريو،
اچا پنڌ پهاڙ جا
ڏونگريو ڏوريو!

Gul Hayat Institute

●

تون ايندين ته پانيان،
ڪيڪا پٽن ڪٽا ڪري
دونهين دکايان؟

موٽون نہ موٽون؟
تو بن ھاڙوڻ مينهن جون
ڦڪر پالوٽون!

گهنگهر ۾ گهاريون
ڪيتيون تنهنجا ساڻورا
سنيها ساريون!

۾ پهري ڀوساٽ
ويڄا آهن واڙ ۾
ڳوڏا واريو ڳاٽ!



Gul Hayat Institute

●

آڏي رات، آبوهه!
هاڙهو هوتُ هٿيُ ويا
پرهه نه ڦٽي پوهه!

●

لوڙائُو لوچو
پوُنءِ ڦٽي ڦاڪون ٿئي
اِن ڪان اڳ سوچو!

Gul Hayat Institute

●

گهاٽو سوچ نه يارَ
ڪٿهن پٽ ماريون مڇَّ ڪي
ڪٿهن پٽ وجهون چار؟

●

هاڻي ڪَٽُپُ نه ڪَرِجِ
اڄ ته ٻهر هَرَ ڏيون
ٻهر وجهون ٻَڄُ!

●

ڏَنُ ڳرو ڏيڻي
جيئڻ لاءِ جيئون پيا -
ميان مرڻيءَ!

Gul Hayat Institute

●

ڇيڙهي کهڙو ڇيهه!
مون لئه سارو سنگهرون
هي ڏاڏائو ڏيهه!

●

ٻڌيءَ جي ٻاڪر
لوڙهي ڇڏي لٽو ءِ
ڪاري ڪارونڀار —

●

”ڇا اڱڻي ڪو ڏڪر؟“
ڪاري ڪارونڀار ءِ —
پڇي ڪونجن وڳ —

●

”ڪنهن ٻه نه ڇهو ”جيءَ!“
ٻارو سڀ ڪاڏي ويءَ
ٻارو ڪيڏو سيءَ!

Gul Hayat Institute

ڪوئل ڪوڪي ٿي،
هاءِ و سائل آڳڻ ڪي
ڪيڏو ڦوڪي ٿي!

سانجهيءَ جي ويلا،
ڪيڏو ڏور وڃي پيا
ماڻن سان ميلا!

Gul Hayat Institute

رڙهي مانَ رسان،
اکيون ڪجهه اڳتي ڏسو
ڳوندرَ ويرَ ڳسان!

●

اَڄ نہ ڪنهن سان ٺيهڻ
ڪُڪر ڇا لِيءِ ڇانئيا
ڇا لِيءِ ڦُڏو مينهن؟

●

ڪيئون ڪيئوي ڇو؟
آڻه تہ پڇان ڪونہ ڏو
ڪنهن جو پارُ پتو!

●

Gul Hayat Institute

کهڙو سُهاڻي!
اڄهو لٿو ڏينهڙو
هلون تا هائي—

●

سفر سنڌاڻو —
پکيئڙا پرڏيهه جا
آڏِ نه آڏاڻو!

●

پنهون نه پرڀاتِ —
ٿورا، راڳتِ، سڀاڳيون
ميندي ءِ رتي رات!

Gul Hayat Institute

●

پنهون ء پڇاڻا
ڪيسين سڙنديون سيج ۾
لاڻا ٿون ڪاڻا!

جڏهن ٻچي باڪ!
جڏهن ڀٽون مينهڙا
سِگهڙ ڪيڻي ساکَ!

جڏهن جهُڙي جوڙ!
آئي مُنڌ مَلارَ جي
مَڇير مٿي موڙ!

ڪنهن کي تن جي ڪَل؟
رات ٿيا رَتَ ڳاڙهان
ڳوڙها منهنجي ڳَل!

●

ڪتا ڪياڻون
ماري، واري ماڙهي
ڳڙ ۽ ساڻون! -

●

ميارون مون کي
ميان، مون نہ رکيو اڃا
مولهيو مٿي تي!

●

پکن منجهہ پساهہ
ميرانديءَ کان مون ڳڙي
آڌوري آڪاهہ -

●

سنڌ نہ سانگي
هي چانڊوڪي چيٽ جي
مون لئہ مهانگي

●

چٽو هي ڪنهن ڳهايون؟
هي جي اکيون ڇيرو يون
ڪاريون ڪارايون!

Gul Hayat Institute

●

پرڪي پوُرن کي
دليون ڳولي داسڙو
گهوُري گهوُرن کي۔

●

ڇا هو ٻيا ٻڌندءِ؟
تون جو ڪانگ لنوي پيو
ايندا ڇا آڳندءِ؟

●

ڪنهن ڪي ڪنديءَ ڪلءَ؟
تڪي سِڄر سموئڻ جي
اُڏيءَ رات آڇلءَ!

●

Gul Hayat Institute

وِلهيءَ جا واڪا!
ڪُٺهِ چاڏان ڪنهن وات ڪانْ
ويندين ويراڳي!

ماٺ ۾ سڀ موڙها،
آئيري سيج ۾ اکين جڏهن
ڪوئن جا ڪوڙها!

تو جهڙن ته پيارو
هو جو چوڏهين چنڊ آ
تنهنجو اُتارو —

Gul Hayat Institute

آئي منهنجي گهر
سون سرڪي سندري
پانئون جهڻن ٻر ٻر

ڪا رت، سرهي مٽي؟
ٽڙيون سانجهيءَ ٽاريون
پوياڙيءَ پوپٽ!

ننڊ ۾ ايڏي نينڊ؟!
سُتي مُرڪ نه ماڪ جئن
سُڀَ پسڻ گهڙيءَ گهڻا!

اي نيرا آڪاش
مون کي ڏي منهنجون اکيون
جيسين مون ۾ سانس!

ٻس هي ٻويون نينهن
ٻهُه ٿي ٿارا ٿَلهه ٿي
جوين ڪَتيءَ سينهن!

مٿان ڪَتيءَ چنڊُ
پَڌر، پاڇا ٽيرهه جا
مان ۾ سارو مَنڊُ!

Gul Hayat Institute

ڇا ڇا پرينءَ ٻَٽَ
ڪُنگوءَ رتا ڪپڙا
مينديءَ رتا هٿَ!

●

پيارا وڇڙن ٿا ـ
رات گذاري اوچتو
ٽارا وڇڙن ٿا

●

تتي ڏينهن آڏامَ ـ
پڳ پڳ پيلا گُلڙا
ڇڙ ڇڙ ڪنڊيءَ ڪامَ !

Gul Hayat Institute

●

پپل گهاٽي ڇانوِ
ساسي سڀ ننڊاکڙا ـ
ننڊَ نہ ڙڪو ڪانوَ !

واريءَ منجهه وٽاڻ ـــ
چنڊ پرهه کي پانڌ ۾
ها پر ڪنهن کي ڄاڻ!

ٽانگهه ٽماٽيءَ جا نه!
هيٺ جر پيرين هلڻي
ڪينچهر مٿي ڪانم ـــ

Gul Hayat Institute

راڻي ڙي راڻي!
ٽڪ سنهين، مٺين ڦڙي
هيءَ جا هاريائي!

●

ماڪ ڦُڙي ڦُڙي —
رُنو چنڊ ڪَڇيءَ سان
ڳاٽ ڳڇيءَ ڏيئي

●

ڇا هي وَڻيءَ ٻُور؟
ٻهڪي ٻنيءَ ۾ واڙا
ماڙين جو اوٻر!

●

جر ۾ جهلمل ڪن
سج ڇڙهي سان سيپ ۾
ٽمٽا ٽا ٽياڪن —

●

آڏي پوڙين چنڊَ
ٿو ورني ٺنڊا ڪڙي
آڌو پيٺيئن جنڊَ!

●

ڪيڏي مٺن ٻاوڪ!
سرتيون ساٿوڻ وسّ م
سارين جي ساوڪ!

●

Gul Hayat Institute

ٺڙو ورني ٺڻ ڳاڄ
ساري سانوڻ مينهن شان
هيءَ به تنهنجي ڏاج

●

جهَر جهَر چندن هارَ
ٻاتا ڪڪرين آپ ۾
ڪيڏي سِجُ ڪِنارَ –

●

ڦوڏن تي ڌَڙيڙَ
ڇڙاٻين ٻهراڻ ۾
ڦَڪا هڻو ٻيا ليڙَ!

●

ٽِورا ساڪي ٻِڪَل!
ڦَتيءَ واريءَ ٻيرڙا
اکين ٻُسيءَ ڪَنل!

●

اُتي جي آڌرَ
هُوَ جي ڪِنهن ڪپار تانءِ
ڪَريا منجهه ڪلر!

●

عشقَ ۾ ايڏي اندِ!
گهڙو پيڪو ڏيون ڏَون ڪَري
پوءِ ۾ ٿڪيءَ ڪنهن!

●

Gul Hayat Institute

ڏوريءَ ٿڪاريون
اُنءَ ڪتيل ڏاڳن اندر
اُنءَ آڏيل چاريون

ٽُونا کينجهر ڪنڀ ۾
ڦوريءَ چوڌاري ڇپيا
چتون نه تماچيءَ ڇپ ۾!

ٽِڪلُن کي ساڳيا ٿيو ڏينهن،
ساک نه ڏاڍا ٿوس ڪِيا
ڏاڍا ڏنا ڏڍ!

Gul Hayat Institute

رنگت نه کهڙا رنگت!
رڳو ڪتلو ڪيت ٽي
پيڙان ايڏا ڪتگت!

ڪيڏيون سيارون
هي جي لهندي سج جون
ڦوڙائني ڦارون!

ڏورانهين جا ڏس
هي جي ٻورا پنڌ ۾
گودڙين جا ڳس

Gul Hayat Institute

ڦارين ڳـل ٽيڙوندا
وري انهن ٻوُر تي
مٽڪو ڪر ميڙيندا

●

وَسُ، وَسُ، وَسُ ميگهارَ
مارُن ڏَٿُ ڏارَن مٿان
ڪَڪِر ڪارونڀارَ!

●

مون ٿي ڪٿي ڀِلَ
لوهيڙن ڳاڙها ڪيا
ڏاڙهياري ٿي ڳلَ

Gul Hayat Institute

●

سرتيون سَويريون
ٻهڪن ٻوڪا ڪيڏندي
ڪوُهن ڪٿيريون -

—

۵

جويا او جويا!
جي ڄاڳي ڄات جو
ڏسڪن ڏکويا!

اڇا تہ آهن
هي جي راڳي رات جو
چنڊ رما ڇاهن

ميان هي مهمان
هي جي راڳي رات جو
ڌمرا آڇن دان—

اکيون تن جون انٽ—
هي جي راڳي رات جو
پرهہ تاڏين پنٽ! —

Gul Hayat Institute

وڏا تن جا ڏوس

هي جي راڳي رات جو
جن جا ڳگن ڳس!

تارا تن جا ٽل
هي جي راڳي رات جو
ڪنوڻجن جا ڪڙڪيل

متري نه مرڻا
هي جي راڳي رات جو
جهونجهڪڙي جهرڻا ـ

—

Gul Hayat Institute

(۰۰)

ڪنهن جي لاءِ ڪُرَن؟
نٿي نڪر نينگريون
ڀِني راتِ ڀُرَن

کهڙي لوڪان لِڪَ!
نٿي نڪر نينگريون
ڇم ڇم تن جي ڇِڪَ!

تن سان پرهه پَل
نٿي نڪر نينگريون
ڳاڳين ڳاڙها ڳَل

Gul Hayat Institute

وليون جئن ولهارَ
نٿي نڪر نيگريون
ٽڙي ڪڻن ٽارَ

اکين چاهه نه آڪاس!
ٺٽي نگر نينگريون
آرهڙ جا آڪاس

آيون نه اوڙار
ٺٽي نگر نينگريون
اونڌو ترن ڏار

ڪونجون جيئن ڪنڪن
ٺٽي نگر نينگريون
چت اندر چڻڪن

---

ڪڪر ڪارونڀار
رُساميءَ جون راتڙيون
اکيون ميگهه ملارَ

نيهي ننڊ نه ڪن
رُساميءَ جون راتڙيون
جهُڙ ڦڙ ۾ جهڙڪن

سارون ڏي سارون
رُساميءَ جون راتڙيون
ڦوڙاڏي ڦارون

ڳونجيا ٽِلَ ٽلاءَ
رُساميءَ جون راتڙيون
ڪونجڙين ڪُرلاءَ



Gul Hayat Institute

وآسياڏون ڇو وار؟
ڙُسامي جون راتڙيون
موتئي جي مهڪار!

ڏارا ڇو ڏاڙن؟
ڙُسامي جون راتڙيون
ڳوڙها ڇو ڳاڙن؟

ڪهڙا؟ ڪير رڙل؟
ڙُسامي جون راتڙيون
ڪن جي لاءِ ڪُڙل؟

Gul Hayat Institute

○

سانگي ڪيئن سڱي؟
رهن ريان ڪنڌئين
ڪائن رب رکي!

سانگي سڪٽ ڇتن؟
مارن مرڻ نہ ميڙيو
ڪڪر ڪڙڪا ڪتن!

اڄ نہ ڏونرن ڏاتِ
سانگي اهڙا سانت ۾
موت ڪيا ڇو ماتِ!

هي لاڪيڙي لوهہ،
سانگي سانگُ ڇڏي ويا
وو وو ميان ووهہ!



Gul Hayat Institute

وڃو وو ميان ووھ!
ڏر ۾ ٽڏو ساھہ ڪِو
راتيان ڏينهان رُوھ!

---



Gul Hayat Institute

٥٢

لڱڻ جي ڪنهن لاڙي
لڱڻ کي وري لاڙيو
پنهوارن پاڙي

ٽنوارون ٽاڙي
پوءِ به نه پيا مينهڙا
پنوهارن پاڙي

سڄڻ پيو ساڙي
ڇنو ڪوڏي ڇانورو
پنوهارن پاڙي؟

ڏڪ مٿا ڏاڙي
لاش مٿي ۾ لوڏيا
پنوهارن پاڙي

Gul Hayat Institute

ڏني ڏهاڙي
هيڏا هانجا تي ويا
ٻنوهارن ٻاڙي!

آندر آجاڙي
سڀا پرتا سج سانُ
ٻنوهارن ٻاڙي

مارو ِيون ماڙي
گهتر گهتر عمر کوٽ آ
ٻنوهارن ٻاڙي

Gul Hayat Institute

ڦات جڏهن ڦاڙي
وسي کوئي وَڏ ڦڙو
ٻنوهارن ٻاڙي!

آکيان ڇا آئون
ڪيڏا ڪَتَڏ ڪپارَ تان
لٿي لاٿائون!

آکيان ڇا آئون
ڪيڏا ٻيڙا ٻار ۾
ٻوڙي تارياٺون!

آکيان ڇا آئون
وه وا کھنبو باڪ جو
لڪن سانِ لائون!

Gul Hayat Institute

آکيانِ ڇا آئون
ڳاڳيڻ ڳاڙها ڳلڙا
چپن تي چاڙئون!

آڪيان ڇا آئون
موڻ ڪي ماري ،ماڳهه
ڇا تي سوچيائون!

---

”آرهـ سـُرنـگي نينگريءَ
ڳوليون ڇا ٿي ڏون؟“
”ڇوليون ساگر جون“

”آرهـ سـُرنگي نينگري
ڳائين ڇا ٿي ڏون؟“
”ڀوليون ساگر جون“

”آرهـ سـُرنـگي نينگريءَ
ساگر انت نه پارا“
”ڪارو ڪارونپار!“

Gul Hayat Institute

هڻ - آکي ڪيڏانهن؟"
"راڌو سارو رڃ" آ
آءٌ وڃان تيڏانهن!"

"هڻ - آکي ڪيڏانهن؟"
"ٽٽر ڪرڙي آپ" ۾
آءٌ وڃان تيڏانهن!"

"تَل" آئي تيڏانهن.
سارس ڪالهه ڪريٽ
هڻ - آکي هيڏانهن!"

(ٿ)

آمر ڪارونجهر
ڇا هُو مور مري ويا
ڏيئا جي ڏونگر؟

آمر ڪارونجهر
راهوڙي جون رانڊيون
پريون نه ٻيهر!

آمر ڪارونجهر
ڄ نه ويڙا واهه ڦٽي
ڪارونيارَ ڪڪرا!

آمر ڪارونجهر
ٻُڌيهام رتُ پنڪيا
۽ تنهنجي ڦَر —

Gul Hayat Institute

آمر ڪارونجهر
ڪانگَ اُڏائي هٿڙا
ٽڪا مٿي ٽِڙ –

آمر ڪارونجهر
ماروءَ پويان ڏينهڙا
ڍولي ايڏي دير!

آمر ڪارونجهر
آيو سيجَ ڪپار تي
ڪيسين ننڊَ نڪر؟

آمر ڪارونجهر
ڪيڏي ننڊ نگر آلا
ڪيڏي ننڊ نگر!

---

○

مون سوچو ”درياهہ....
”ڪيترا اگهيا ڪيترا
ڪندو ڪنہ آثاهہ!“

مون سوچو ”طوفان....
”پاڙئون وڻ پٽي وجهي
”اهڙو ڪو امڪان؟“

مون سوچو ”تارا....
”ڪيئين جهڙ جي جهاڳ ۾
”ڏيندا ڏيکارا؟“

Gul Hayat Institute

مون سوچو ”واريان
”سارو لکيو ليک جو
يا ڏاڏو ڏاريان؟“

واڻون ڦلن. چانئيون

تو سوچو ”هو ماڳ
اڇڙو آهي اوچتو
جاڳ اڃا ڪجهه جاڳ!“

---

Gul Hayat Institute

٥

ڏينهن ته ڪا ورندي
ڇا سوچيُم ڇا آهيان
آئون سرندي، سرندي؟

ڏينهن ته ڪا ورندي
ڏاڍي جهڙي ڏيهه تان،
رات ڪڏهن ٽرندي؟

ڏينهن ته ڪا ورندي
ڪلهه جا وسامي ويئي
ٻيهر نه ٻرندي؟

ڏينهن ته ڪا ورندي
ٻي ڪا ٻيڙي ٻار ۾
ترندي نه ترندي؟

Gul Hayat Institute

ڏينهن ته ڪا ورندي
چارڻ! ڪيئن، چُپ ٿو
ڪنجهه اندر ڳرندي؟

---

Gul Hayat Institute

○

اُڇتو آهين تون
ڪڏهن ايندين اوچتو
ڪائي چاڻ نه مون؟

اُڇتو آهين تون
اُتر ڪندو اوچتو
ڇيرين ڇمڪارون—

اُڇتو آهين تون
ڪنن نوان ڪنيلا
لونگيءَ جو لهڪون—

اُڇتو آهين تون
اڄ ته توسان ڳالهڙيون
اوريان اندر جون!

—

Gul Hayat Institute

ڪيسين ٻرندا
ٽيمٽ ته ٺرندا
ڏينهڙا
ٽيمٽ ته ورندا
ٿر تي ٿڌا مينهڙا
نيمٽ ته ايندا ڪوٽين وانگر
ترندا ترندا ڏينهڙا،
ٽيمٽ ته پشم پوٽين وانگر
جر ٿر ورندا ڏينهڙا
ڏونگر ڏونگر ڪيسين ڏرندا ڏينهڙا!
ٽڙڪي ٽرندا ڏينهڙا
ساجن تو بن ڪيسين سڙندا ڏينهڙا!
ٻور جهليندا، ميوو ڏيندا، نيمٽ ته ڦرندا ڏينهڙا
ٽيمٽ ته ورندا ٿر تي ٿڌا مينهڙا
ٿر تي ٿڌا مينهڙا
ٿر تي ٿڌا مينهڙا....

(٥)

ويهہ سال ٿيا آهن
مان ۽ ڪارونجھر هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا آهيون،
نہ هو اُتان چُريو آهي
نہ مان ئي چُريو آهيان –
هر چُرندڙ پُرندڙ جيءَ وانگر
هو بہ اداس ٿي ڇُڪندو آهي؛
ڪنهن وقت مور ٽِڪاريندا آهن
تہ اهين لڳندو آهي
ڄڻ ڪاڏي ديوداسي
ڪنهن سوُني مندر ۾ ڏيئا ٻاري
واجهائي رهي آهي ڪنهن لاءِ؛
ڪنهن وقت سانوڻ جي موسلادار مينهن ۾
هو زارون زار روئيندو آهي
۽ اُن جي پيرسان وهندڙ نيڻون
اُن جا ڳوڙها پنهنجي سيني ۾ سانديي
سڏڪا ڀرينديون وينديون آهن،
ڪنهن وقت طوفان ۾
اُن تي اپريل ڪوُنيٽ جهولندا آهن

ته اُٿين لڳندو آهي
ته هو پنهنجا وار پٽي رهيو آهي
هي ڪارونجهر جو منهنجو ياڳ آهي،
جو مون جهڙن اڏول آهي
۽ مون جهڙن آداس آهي.

—

Gul Hayat Institute

(۵)

مان پنهنجو وقت گذاري چڪو آهيان
منهنجا نوجوان دوستو!
هاڻي مون تي ڪائي ميار نہ آهي.
هاڻي چانڊوڪيءَ ۾ چميون اوهان لاءِ آهن،
ماڪ ۾ پيل منهن اوهان لاءِ آهن،
ٻاڪس ڦٽيءَ جو ننڊاکڙا ٻاکر اوهان لاءِ آهن،
مان پنهنجو وقت گذاري چڪو آهيان،
ڪنڌيءَ تي سڙهہ سنباهيا بيٺا آهن،
هو جي جڏهن ڏينهن موهيندا يون هيون
مون انهن کان موڪلائي ڇڏيو آهي؛
ڪنهار جا هٿ
يا قاصد جا پير
سڀ توهان لاءِ آهن منهنجا نوجوان دوستو!
۽ اوهان لاءِ آهن پسگهر جا ڦٽا جي پيڙا
۾ نرڙ تي اڇي وينداآهن،
۽ گوليون
جي ظالم خودشناس مظلومن کي هڻندا آهن،
اوهان لاءِ آهن قبرن تي ڪتبا،
زندان، زنجيرون،
ڪال ڪوٺڙيون، ڦاسيءَ جا ڦندا ـ
سڀ ڪجهہ اوهان لاءِ آهي
مان پنهنجو وقت گذاري چڪو آهيان

—

○

تون جڏهن ٻه هوندين، آئون مان تو وٽ هوندس.
مان تو ۾ آهيان ۽ آئون ٻي ڪنهن لاءِ جاءِ نه آهي.
توکي هر نهار ۾ منهنجا نيڻ نهاريندا نظر ايندا،
هر آواز ۾ منهنجو آواز پرندو ملندو،
تنهنجي هر ڏياريءَ ۾ منهنجي جوتي جلندي رهندي
۽ هر هوليءَ تي تون منهنجي رنگ ۾ رڱيل هوندين؛
جي تون ڪوئي ڪتاب پڙهندينءَ
ته مان آن جي اکرن مان اُڀري ايندس،
۽ منهنجي ڪويتا تنهنجي هردي ۾ هُرندي رهندي،
مان هير وانگر تنهنجيءَ دريءَ مان تو وٽ ايندس
۽ جي تون دري بند ڪري ڇڏيندينءَ،
ته مان طوفان ٿي ايندس
۽ آن جا ٽاڪ ٽڪرا ڪري ڇڏيندس،
۽ مان توکي، تنهنجي جيون کي،
تنهنجيءَ آتما کي ڏونڌاڙيندس!
تون نند ڪري نه ٿي سگهين
جو ستائين مان جاڳان ٿو،
تو ۾ جاڳان ٿو-
مان جو تنهنجي آتما آهيان
تو مون کي وساري نه ٿي سگهين.

—

(٢)

اي رني ڪوٽ جا پٿرو!
هي وڻ جي اوهان ۾ پٿر تي ويا آهن
انهن جي ڇانوَ ۾ ڪير ڪير ويٺا ها؟
انهن جي لامن تي
ڪهڙن ڪهڙن پکين لاتيون لنويون هيون؟
انهن ۾ ڪهڙا قل قول ٿيا ها؟
اي ڏرتيءَ هيٺان پٿرو!
ڌرتيءَ مان ٻاهر نڪري اچو!
جڏهن گهاتا جهڙ ٿين،
۽ مينهن جون اوڙڪون وَسن
۽ پاڻي نئن ـ موهن ۾ ارڙاٽا ڪري وهي،
اچا وڏيڪ ٻاهر نڪري اچو!
اوهان، جي اسان جي تاريخ آهيو
۽ اڇا ٿاڻين اسان کان لڪل آهيو،
اسان اوهان کي ڏسڻ چاهيون ٿا،
ٻاڻ سان آهي بهار ڪٺي اچو
جن ۾ اهي پٿر ٿيل وڻ ڦولارجي پيو َن،
۽ اسانجين اکين کي ٿڌاڻ بخشن
(اسان جون اکيون جي لڪن لوساڻي چڏيون آهن)
۽ پنهنجيءَ ساواڻ سان
هن ڌرتيءَ کي لهلهائي ڇڏن!

٥

هي ٽڙ جا ڪوهه
جن جي گهرائي ڌرتيءَ جي دل تائين پهچي ٿي
۽ جي آن نيري مهربان آسمان کي
جنهن ۾ بادل ٻرجهه وارا آهن،
ڏيکارن ٿا ڌرتيءَ جي دل
جا رت ۾ ٻڏل آهي،
۽ جنهن ۾ ڏينهن جو ڪروڙين ڪرڻا
پنهنجا تير ڇهائي وڃن ٿا.
اي ڪارونيار!
تون ڪڏهن اچڻو آهين؟
ائين نه ٿئي ته ڪوهه سُڪي وڃن
۽ ڌرتيءَ جي دل
ڌرتيءَ ۾ ڦٿڪي مري وڃي!

---

Gul Hayat Institute

اوهان جهوني ٻڙ وانگر آهيو
منهنجا مارواڙو!
اوهان جون جهانئون، اوهان جي ڇانو دور دور تائين
ڦهليل آهي
۽ مان ڪويل جي ڪوڪ وانگر
اُن ٻڙ جي ٻن ٻن ۾ ٽڙڪي چاهيان ٿو
۽ اُن جي جڙن تائين پهچڻ چاهيان ٿو —
جڙون جي ڌرتيءَ ۾
دور دور تائين وڃن ٿيون
منهنجا مارواڙو!

Gul Hayat Institute

سون کي ڀالوا پهچڻو آهي
جتي مارئي ڇائي هٿي،
ڀالوا جو ڏاڍو ڏور آهي،
ڏاڍو هيڪلو آهي.
آسمان ۾ پورنم جو چنڊ آهي
۽ مان پنهنجي ڪاري گهوڙي کي آڙي تي آڙي هڻي رهيو آهيان،
ڇو ته مون کي ڀالوا پهچڻو آهي.
مان پنهنجي مارڳ ڏانهن ويندڙ سڀئي دڳ ڄاڻان ٿو،
پرمان ڀانيان مان ڀالوا پهچي نه سگهندس.
آڌر ڪان ڪنون ڪجي رهي آهي،
ڏهر ۾ ڏيئا ٽم ٽم ڪري رهيا آهن،
۽ منهنجو ڪارو گهوڙو آڪاس ۾ چنڊ سان شرط پچائي رهيو آهي،
وانگر پڇائي رهيو آهي،
پر پريان پٿن تي موت وسيهر وانگر ڇپ ماري ويٺو آهي
۽ مون کي گهوري رهيو آهي،
آف، هي سفر ڪيڏو نه اڻانو آهي!
آف، هي رستو ڪيڏو نه لنبو آهي!
اوه، منهنجو ڪارو گهوڙو جو پڳهر ۾ شل آهي
افسوس، پٿن تي موت منهنجي انتظار ۾ آهي
۽ مان ڀالوا پهچي نه سگهندس.
ڀالوا جتي مارئي ڇائي هٿي
ڀالوا جو ڏاڍو ڏور آهي، هيڪلو آهي.

Gul Hayat Institute

○

هو پنهنجو گهر ڳولهي رهيو هو

هُن جي ماءُ هن کي اکين ۾ گهوري ڏٺو تہ هو کيس اجنبي لڳو،

هُو پوءِ اکين ۾ ڳوڙها آڻي هن کي چيائين،

”تو پنهنجي پيءُ جو گهر نہ ڏٺو آهي، تڏهن تون هتي پنهنجو گهر ڳولهي رهيو آهين،

”جي تون پنهنجي پيءُ جو گهر ڏسين ها تہ هتي گهر نہ ڳولهين ها!

”هنهنجي مڇين تہ ڪاٺي ڪکائين جهوپڙي اڏ تہ آها دکنهن بہ وقت اسان پنڌر کان سوا ڇڏي مگهون.

”ڇو تہ اڳي پو اسان کي تنهنجي ابائي گهر موٽي وڃڻو آهي.“

Gul Hayat Institute

(٤)

هي مرد
جي توکي بنا پردي
بازار ۾ خريداري لاءِ وٺي وڃن ٿا،
ڪلب جي دعوت ۾ شريڪ ڪن ٿا
۽ پوءِ پنهنجي ذهن جي حرم سرا ۾
ڍڪي ڇڏن ٿا،
اُنهن کي ٻڌاءِ
تہ تون اهي پردا ٻہ لاهي سگهين ٿي،
جي تنهنجي ذهن تي
صدين کان وڌا ويا آهن؛
تہ تون
حرم سرا جي ڪنيز نہ آهين،
تہ هي مرد
جي هن نظام جا خواجہ سرا آهن
تو کان ڪمتر آهن
حقير آهن
غلام ابن غلام ابن غلام آهن.

—



Gul Hayat Institute

C

راتِ جو پوئين پھر آهي
هو ڦاسيءَ جي رسيءَ ۾ لڙڪي رهيو آهي؛
لُري ۾ هن جا پير اگھاڙا آهن،
پير، جي تخت تان لهي
تختي تائين پھتا آهن،
۽ هاڻي مُڙي ويا آهن
۽ ڪنهن سوڙهي گهٽيءَ جو رستو ڏيکارن ٿا.
مان اُنهن ٿڌن پيرن تي
پنهنجا ڪوسا هٿ رکي سوچان ٿو،
”جي مان هن کي جاڳايان ته ڇا
هو پنهنجو منهن مون کان لڪائيندو؟
”هو جو ڌرتيءَ جو ڌنار هو
ڇا هو اهو مڃيندو ته ريڍون
۽ ٻڪريون ڳڏ نه پاليا آهن؟“

—

(٢)

طوفان جو عظيم مؤذن آهي
اُن جي اذان اچي رهي آهي،
هو گهران نڪرن ٿا ۽ تندوتيز بارش ۾ وضو ڪن ٿا
۽ پريان سبزه زار هنن کي هڪ وسيع ۽ عريض مسجد
وانگر لڳن ٿا
۽ دريائي سنڌ زمين تي جاءِ نماز وانگر وڇايل آهي ۽
اي من و سلويٰ جا متوالو!
ٻڌو! طوفان جي اذان اچي رهي آهي!
سر بہ سجود ٿي وڃو اُن عظيم حقيقت جي اڳيان،
جا ناگزير آهي،
جنهن کان ڪائي راهه فرار نہ آهي!

Gul Hayat Institute

○

(فيض جي ياد)

رقص ۽ شَراب جو دور هلي رهيو آهي؛
ڇت مان بجليءَ جا فانوس جهرمر ڪري رهيا آهن،
فرش تي هم مشرب ۽ همخوار رقص ڪري رهيا آهن
۽ انهن جو نهارون پيالن ۾ ڇمڪي رهيون آهن،
۽ انهن گُل پيالن جي چر سان چرڪي رهيا آهن.
اڄ تون ڪٿي آهين!
ڪيڏو دور اونداهيءَ ولهه هيٺان سٽل آهين
پاڻ ۾ پنهنجيون گرم روشنيون سمائي!
۽ تنهنجي لحد جي ٻاهران
ڪاري رات
هڪ ڇتي ٻگهڙ وانگر رونڍ ڪري اُيري آئي آهي!
فيض، منهنجا ياءَ!
آءُ ته پنهنجي غم ۾ ساري ڪائنات غرق ڪيون!
اسان جي مٽي آهيون،
ڪجهه ٻه نه آهيون
ڪجهه ٻه نه ڏانهن واپس ورڻا آهيون
۽ پوءِ ٻه سڀ ڪجهه آهيون
۽ پنهنجي جام شراب ۾
ساريءَ ڪائنات کي غرق ڪري سگهون ٿا.

—

Gul Hayat Institute

○

مون کي ياد اچي رهيون آهن
سوراچند جون ٽڪرائيون
اُنهن جا ڊگها قد ۽ سنهيون کڇيون،
آها ڪونجن جي قطار جا ماضيءَ جي
طوفان ۾ ويڙهجي چڪي آهي،
۽ لڙهه ۾ لائين ڪي
آنهن جون سون ورن ٻانهون ياد نه آهن،
۽ هيڙيا پنهنجي هنونگار ۾
آنهن جا گيت وساري چڪا آهن؛
پر مون لاءِ ڪنهن ٻن جي ڇپر
ڪوئي هوا جو جهوتو
آنهن کي پڇڙ تاري جي لاٽ وانگر
سمنڊ جي گهور انڌيري مان
ٻاهر ڇڪي آڻي لاءِ ڪافي آهي.
ڪاش مان اهي زاسوڙي جون راتيون ٻيهر ڏيي سگهان
جي اچا تائين
منهنجي من ۾ ٻري رهيون آهن!

—

○

هائو، اسان ننڍيا آهيون
واڱڻن جي ناليءَ ۽ ڳوليءَ وانگر
هائو، اسان ننڍيا آهيون
لوڻ جي چپٽيءَ وانگر
جنهن کان سوا
دسترخوان اجايو لڳندو آهي ـ
هائو، تون وڏو آهين
پوليءَ پهاڙيءَ وانگر
جنهنجو اندر کاڌل آهي
۽ جا ڦهڪو ڏيندي ديرئي نه ڪندي آهي

—

○

بيڪارڻ
اڄ اُگهاڙي
ڌرتيءَ تي ليٽي پيئي آهي
۽ ڌرتيءَ تي ڪرندڙ مينهن ڦڙا
ڄڻ هڻي ڏاکي سان
هن جا ڦاٽل ڪپڙا سبي رهيا آهن.

—

منهنجو ديس اڃا مون کان دور آهي،
اُن ۾ نيري آسمان هيٺان ساوون ٽاريون آهن،
اُن ۾ نه ڪنهن جي دل ڏکايل آهي،
۽ نه ڪنهن جو مٿو سوَر ۾ ڍري رهيو آهي،
اُن ۾ هر ڪنهن کي بارش ۾ ڇت آهي
۽ ٻڪايل ڪانوَ کي آڇلائڻ لاءِ مانيءَ گرهو آهي،
۽ اُن ۾ ڊنبورو درياهه جون لهرون ٽي وڄو آهي،
۽ اُن ۾ ماڻهوءَ جا پساهه پيار ۾ ٽُٻ آهن.
زندگيءَ سان ڪنهن کي به شڪايت نه آهي
جي ڪائي شڪايت آهي
ته موت سان آهي.

Gul Hayat Institute

نه ڪوئي خوف آهي،
نه ڪنهن جلاد اڳيان گردن آڏيءَ تي آهي.
آه! هي شاعري!
آه! هي ڪوڙي تسلي!
جنهن آءٌ ڪنهن طوائف جي ڪلهي تي
ڪنڌ لاڙي رهيو آهيان
۽ مون کي ڪيريپ نه ٿي اچي
آن جي وارن جي
باسي خوشبوءِ کان!

○

ڏٺي ٻري جي مهل آهي،
درين جا ڏنڊلا شيشا انهن اکين
وانگر لڳي رهيا آهن جي اُٿي
پونديون آهن؛
۽ شيشن جي پٺيان ماڻهو آهن، جن جا
چهرا اُداس آهن، ڏورانهان آهن؛
اڄين تو لڳي ڄڻ سنجها پنهنجا پنکـ
پساري آڪاس ۾ انهن تي وڌي آهي،
۽ اڳتي رستن تي نگاهون وجهي رهيون آهن،
درين جي اٿيل اکين جون
جن جي پٺيان آهن
اُداس، ڏورانهان چهرا—

—



Gul Hayat Institute

ڇا ھتي آزادي ڪانھ آھي!
گدڙ آزاد آھن
مڪيون آزاد آھن
ھتان جا دانش ور آزاد آھن،
شاعر ٿي- ويءَ تي نعتيہ مشاعرا ڪن ٿا،
ھي ھاري آزاد آھي
جي چاھي تہ پنھنجي مٽي مان جوئان پلي نہ ڪڍي،
ھرڪوئي آزاد آھي، آزاد، ھن ڏرڙ ڏرڙ ڏرتيءَ تي-
ڏرڙ جن ۾ نانگ لڪي ويندا آھن
۽ ٻگھڙ پنھنجا ٻچا ڪندا آھن.

Gul Hayat Institute

(٢٤)

ٻيڙي وڃي رهي آهي
ڪوبر*، ڪيدي واريءَ، ڪيٽي بندر ـ
ٻيٽ تي ڇپيل ور ڪري وڃا آهن؛
سامهون منهنجيون اکيون توکي ڏسن ٿيون
منهنجا ديس!
تون جو ڌرتيءَ ۽ آڪاس جي وچ ۾ لٽڪي رهيو آهين،
۽ ڪنهن وقت به نيرين ڇولين ۾
هيٺ ڪري
ٻڏي سگهين ٿو؛
اچا ته آڪاس هيٺان ۽ ڌرتيءَ مٿان تنهنجي راڄڌاني آهي.
ڏس، هو شفق ٽولاءِ ڪهڙو اوڙهي آئي آهي
۽ ڪڪر گربيءَ جون شلوارون پائي نچي رهيا آهن!
هي ڪنهنجو هٿ آهي، منهنجا ديس،
جو توکي ڌرتيءَ ۽ آڪاس جي وچ تي
جهلي بيٺو آهي،
۽ توکي نيري پاڻيءَ ۾ ڪيري ٻڏڻ کان بچائي رهيو آهي؟؟؟

—

* ڪوبر، ڪيدي واري، ڪيٽي بندر ـ سنڌوءَ جون شاخون
جي سمنڊ ۾ پون ٿيون.

Gul Hayat Institute

سمنڊ و

پنهنجون ٻانهون ڦهلائي
سمنڊ ڏانهن وڌي رهي آهي،
۽ چپ چپات ڪري
پنهنجن ننهن، سان چيري رهي آهي
۽ اُن جا ننهن
ڪنهن ٻانوري واڳوءَ جي ننهن، وانگر لڳن ٿا؛
۽ هاڻي هوءَ اوناڙون ڪري رهي آهي
جيئن ٻڪايل ٻگهڙ
چانڊوڪيءَ جي
لس ليٽ ۾ ڪيندا آهن ـ
سمنڊ سامهون نظر اچي رهيو آهي.

Gul Hayat Institute

سنڌو هڪ آئيني وانگر آهي،
اڪويهين صدي اچي رهي آهي
۽ مان اُن جي تصوير
سنڌوءَ جي شفاف سطح تي ڏسي رهيو آهيان.
اڪويهين صديءَ جي ٻاڪ اڳ وانگر نه آهي
اُن جي چهري تي رت ڳاڙهيندڙ رهڙون نه آهن،
پاڻيءَ تي سورج
مارئيءَ جي مُرڪ وانگر اُڀري آيو آهي،
ٻيڙيون پنهنجا وکر وهائي رهيون آهن،
۽ ناکُئا مُهنجا آهي گيت ڳائي رهيا آهن
جن جا زنجير ٽُٽي چُڪا آهن—
مهان گيت
جي ڪارونجهر جي چوٽين وانگر آهن
۽ جن جا سُر
ڪارونجهر جي آڱرين وانگر
آسمان ڏانهن امر اشارا ڪري رهيا آهن،
۽ آزادي
هڪ سپاهيءَ جي ننگي سيني تي
ليمبل وڏشيا وانگر نه آهي.

Gul Hayat Institute

ڦر ۽ چوندا آهن تہ جڏهن ٻڪرار* ڪنوڻ ڪجندي آهي، تڏهن واميڱ نانگ (جو ٻر ڪان ٻاهر ويٺو هوندو آهي) ڪنوڻ ڏسي ٻر ۾ موٽي ويندو آهي؛ ۽ اڇا هن جو پڃ ٻاهر ڏئي هوندو آهي تہ مينهن پوندو آهي.

منهنجا قلم! ڇا توکي بہ مينهن پوڻ جا پروڻ پيا آهن، جو تون قلمدان ۾ موٽي ويو آهين؟

اڇا تہ ڪينئن بہ نہ ڪجي آهي!

—

تون پنهنجيءَ ڳچيءَ لاءِ
رسي وٽي رهيو هئين
۽ توکي
ان جو پتو بہ نہ هيو!

---

* ٻڪرار- آتر جي ڪنوڻ

(٨)

ڇا آفيم
ڇين ۾ انقلاب کي رد ڏئي سگهيو؟
ڇون ان جو نالو کڻو به رکين
آفيم انقلاب جو رد نه آهي.

---

(٩)

عقاب کي پيتي آڇي رهيو آهين!
شايد تو کي پنهنجيون اکيون پياريون نه آهن!

---

(١٠)

ماءُ پنهنجي آهني ارادي جي
سنگين لحد تي
مٿو رکي
روئي رهيو آهيان،
۽ سرءُ جي چانڊوڪي
مون تي پنهنجو ٻاجهارو هٿ رکي
مون کي آٿت ڏئي رهي آهي.

---

ڀوڳائي ٿي بچي ويندين؟
ڀوڳ ڀوڳي ۾ سچ ٻُڏائي رهيو آهين!

---

مونهن ۾ وهنجي رهيو آهين!
ڏنجي ۾ مونهن
تہ ڪيترائي درياهہ ۾ لوڙهي ڇڏيا آهن!

---

ايڏي تڪڙ؟
ڇا تون وقت سان شرط پڄائي رهيو آهين؟

---

ڏيهہ کي ڏند هجن ها تہ پاڻ کي چٻي وجهي ها

---


Gul Hayat Institute

ڪامريڊ! لوهر جي گهوڙي کي نعل نه هوندا آهن!

---

ڇا آنهيءَ اڪ
جنهن مان ڪڏهن به ڳوڙهو نه وهيو آهي
دنيا ۾ ڪجهه ڏنو به آهي!

---

Gul Hayat Institute

مون سان سود بازي ڪرڻ تو چاهين؟
ڇا تو ڪنهن وڻ کي
پنهنجي ڇانوَ وڪڻندي ڏٺي آهي؟

---

(٠٠)

مان هڪ ننڍڙو ڏيئو آهيان
جڏهن ستارا مياري جي مينهن ۾ لڪي ويندا آهن
مان ٻرندو رهندو آهيان.

---

([illegible])

هنن کي پنهنجون گهٽيون آهن،
سوڙهيون ۽ ونگڙيون،
جن ۾ آواره سڄيون
چڪر ڪاٽيندڙيون آهن.

---

Gul Hayat Institute

([illegible])

آسمان ماکيءَ جو هڪ وڏو مانارو آهي،
جنهن ۾ ڪروڙين ستارا پيون ڪن ٿا،

---

○

ڇا تون ڪائي وينگس ڇيچ ۾ ڪرڻا ڇڙيندي ڏٺي آهي؟
ڇا تو ڪڏهن مانيءَ جي ميز تي ماڪ جو ڳلو ڏٺو آهي؟
ڇا تو ڪڏهن هٿ اٿين ڊوڙنا آهن
جيڻن برسات ۾ ٿلسيءَ جا پن ڊوڙندا آهن؟
ڇا تو اهي نينگريون ڏٺيون آهن جن کي
چانڊوڪيءَ مان مٽروڙي جي مهڪ ايندي آهي؟
ڇا تو اهو پڃرو ڏٺو آهي
جنهن ۾ روشني ڪنهن زخمي پرندي وانگر
پر ڦڙڪائيندي آهي؟
ڇا تو آها ڏاڪڻ ڏٺي آهي
جنهن تي چڙهي عشق آسمان جي
ڪنهڙي تا ڊرتيءَ تي هيٺ
ڏمندو آهي؟

—

Gul Hayat Institute

○

تنهنجيءَ دل ۾ ٻُڏندڙ ڪنهن گهايل تتر
وانگر ڀر هڻي رهي آهي،
۽ ڀتوءَ ڪڙتر جي ڦهاڙن وانگر اڀري آيو آهي.
ڇا تون اهو نه ٿو چاهين
ته جي تنهنجي شاعري
ڪنهن ڪرائي جي ڪمري ۾ نه رهي آهي
ته هي اجنبي شهر
تنهنجو پنهنجو ٿي ويندو.

—

Gul Hayat Institute

هيل، ڇيڙن جا گيت ڳائيندي
ڪوس - گهر جي مٿان
ڇر ڀڪيڙي اُداسي رهي آهي؛
اُها ڇا ڄاڻي
ته ڪويليون ڇو ڪوڪنديون آهن!

---

ڇا مروڻ به ستارن کي ڏسندا آهن؟

---

جڏهن تون چوين ٿو، ”هه“
تڏهن تون چاهين ٿو
ته ’هڪ‘ کي خون ڪيو وڃي

---

Gul Hayat Institute

مون وٽ اهڙائي ڏيڍا آهن جهڙا موهن جي دڙي ۾ هئا،
باڪ ڦٽيءَ جو مان انهن تي پاڇاري رکان ٿو ۽
پنهنجي ٻنيءَ کي هر ڏيان ٿو،
منهنجا اُگهاڙا پير ماڪ ۾ آليءَ ڪيڙي کي
ڇهن ٿا ته منهنجين اکين جي روشني وڌي وڃي ٿي
(منهنجيون اکيون جن ۾ سارين جا انبار آهن
جي ٻيءَ منڊ ۾ لهڻا آهن ۽ جي سڀ مون کي نه
مليا آهن)۔

مان منجهند مهل ڏنوٽي زور سان ڦوڪيان ٿو،
۽ ڪاري لوهه کي رڃايان ٿو، جو هاڻي ڪنهن
غضبناڪ غصي وانگر تپي، ڳاڙهو ٿي ويو آهي۔
منهنجيءَ اوطاق ۾ شام جو ميڙو مچي ٿو،
۽ مان آهي گيت ڳايان ٿو جو ڪويل کي ڳائڻا آهن
(مان چاهيان ٿو ته ڪويل جا گيت، اڄ يا ايندڙ اونهاري
ساڳيا ڏي هوندا)۔

مان رات جو سنڌوءَ ۾ اوجهاڻ وجهان ٿو،

۽ ٻوڙين ٻهر جو اُنهن مان ڀلا ۽ ستارا چڪي ڪيان ٿو،
منهنجي چوڌاري جو ڪجهہ ٿي رهيو آهي،
اُن لاءِ مان پاڻ کي ذميدار سمجهان ٿو.
پنهنجن جون پرکون لهڻ وارا!
ڪنهن وقت مان پنهنجو وجود تو ۾ اڏين وڃائي
ڇڏيندس جو روهڙيءَ واري بيدل کي بہ اها
رمز مون کان سکڻي پوندي*.
ترس مون اڃا پنهنجي ذميداري پوري نہ ڪئي
آهي، اڃا مون کي تو لاءِ فرصت نہ آهي.

---

* سِکڻ رمز وجود وڃاوڻ دي
ڪانهي حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي



Gul Hayat Institute

[illegible]

ڪاش! مون وٽ اهڙي جادوءَ جي لڪڙي هجي،
جا مان ڏاڙهونءَ جي وڻ کي هڻان
۽ اُن جون ٽاريون ڪيچاين ڪنوارين وانگر ڪيل ۽
ويڙهجي وڃن
۽ انهن تي ڏاڙهن بدران
ڳاڙها مٺول پار چمن،
جن کي مان پنهنجيءَ ٽوڪريءَ ۾ ڪٺي اچان
۽ پنهنجيءَ شاعريءَ جي پرستان ۾ ڇڏي ڏيان.

---

[illegible]

ٺورڪا!
ٽون ۽ مان جاڙا ڀائر آهيون،
ازل جي ڪُڪ مان ڄاوا آهيون،
ابد جي ڪُڪ ۾ موٽي وڃڻا آهيون،
۽ سنڌ کان هسپانيا تائين
فاصلو
ازل ۽ ابد جي وچ تي
هڪ گراٺ برابر به نه آهي.

---

○

سج لهي رهيو هو ۽ اُن جا پوياڻ شعاع هن جي منهن تي
پئجي رهيا هئا؛
هن کي مينديءَ لڳل ڳاڙها وار ۽ ڳاڙهي ڏاڙهي هُئي،
۽ هن ڳاڙهن ڇانورن جي مانيءَ جو ٽڪر ڄڻي،
آندو هو پنهنجن چپن تائين؛
ڄڻ هو ڪائي گم شده تصوير ٿي لڳو
ڊچ مصوّر ريمبرانٽ جي!
هو پوڙهو ٿي چُڪو هو ۽ هن جي منهن تي گهنج
پئجي چڪا هئا،
هُن جون اکيون ڍاول هونديون به آداس هيون؛
لهندڙ سج کجهه وقت هن جي پيرن وٽ بيٺو
۽ پوءِ پاڻيءَ ۾ هيٺ لهي ويو،
۽ ڪاري ڇانءَ وٽ
پاڻ سان گڏ هُن کي به پاڻيءَ ۾ ڇڪي ويو،
۽ هو اُنهيءَ غيب ۾ پهچي ويو
جنهن ۾ ڪيئي ڳالهيون آهن
اکين کان اوجهل—

Gul Hayat Institute

ماڻ هر نئون نظم لکي سوچان ٿو
ته ڪوئي اڇوتو آهي.
مون کي هر نئين سٽ اڳين تي لڳي
ڇو ته مان ڪنهن اڻ ـ ڇهيل ٻانهن کي ڇهان ٿو
۽ قافيا اڳين ملي وڃن ٿا ...
جيئن چپ چپن سان ملي ويندا آهن.
اي آچاول هرڻي!
تون ڪٿي ڇپيل آهين؟
هڪ ٻگهايل واگهه وانگر
مون کي تنهنجي خوشبو اچي رهي آهي
۽ مون ڪيتري وقت کان
شڪار نه ڪيو آهي.

جڏهن ڇمڙا پر ڦڙڪائن ٿا
اونده جو انبوهه ٿئي ٿو.

(٣)

”تنهنجيءَ زندگيءَ ۾ مون کان سواءِ ٻيون به ڪي عورتون آيون هيون، اهڙيون عورتون جي تنهنجي دل ۾ ڀيهي ويون هجن؟“

”هائو، ڪجهه آيون هيون، دل ۾ ڀيهي ويون هيون ۽ اڃا تائين آتي آهن.“

”مثلا؟“

”هڪ ڀيري مان ريل جي دريءَ مان ٻاهر ڏسي رهيو هوس ته اوچتو ٻي ريل حيدرآباد جي پليٽ فارم تي آئي ۽ منهنجي دريءَ جي سامهون هڪ ٻي دري اچي بيٺي. مون ڏٺو ته هڪ عورت دريءَ مان مون ڏانهن ڏسي رهي هئي. هن کي سنهو، نهرو بدن هيو ۽ چوليءَ مان هن جا پريل بانورا آرهه نظر اچي رهيا ها؛ هن جا لوڏا هن جي لوندڙين تي لٽڪي رهيا ها ۽ هن جي ڪارين ڇيروين اکين ۾ صدين جي شناسائي هئي. مون کي ڏسي هن پنهنجن لوڻن کي لوڏو ڏنو ۽ آنهن کي هٽ سان لسائڻ لڳي ته ايتري ۾ مون واري ريل هلڻ لڳي. هائو، هوءَ منهنجيءَ دل ۾ ڀيهي وئي هئي ۽ اڃا تائين آتي آهي.“

---

Gul Hayat Institute

مان جنهن ٽاريءَ کي ڏوڏيان ٿو
آن مان پٽر ڇڻن ٿا،
پٽر جي ڪَڏهن ساوا
ڪَڏهن ڳاڙها آهن—
منصور! مان توکان به اڳتي نڪري ڇُڪو آهيان
مون لاءِ ته ڪو شبلي به نه رهيو آهي.

---

ڪُتا
ڀؤنڪي ڀؤنڪي
ڏرتيءَ کان پنهنجي مات ڪسڻ چاهن ٿا!

---

Gul Hayat Institute

چانڊاڻ، پنهنجي نيري لباس ۾،
ٻير جي ٽاريءَ تي ويٺي هئي؛
اوچتو هن جي ڇهنب ڦاٽي وئي،
هن جو بدن ٻير جي ٽاري وانگر سڙي ويو،
هن جا چنبا اڀا ٿي ويا
جڏهن هوا جي ٽاريءَ کي ڌڪڙيو هڻائون،
اوچتو ڦهڪو ڏئي هيٺ ڪري پئي
مري وئي؛
آسمان آن تي پنهنجو نيرو ڪفن وجهي ڇڏيو.

---

غالب!
پنهنجا ابرو
پنهنجيءَ قط وانگر
ڪڍي
آسمان جي
صفحهءِ قرطاس تي
ڇا تو لکين؟

---

وقت اڃان گذري رهيو آهي
جڏهن ڪنهن معصوم ٻار جي ڪچيل نڙيءَ مان
خون وهي رهيو آهي.

ماضي رنگين، چهرن ۽ انڌ ـ موڙن
غلطين جو ڍير آهي،
۽ مستقبل اڃان نظر اچي رهيو آهي
جيئن ڌند ۾ ڪائي پڌي ڌاڙن نظر ايندي هجي.

Gul Hayat Institute

هون ته هرشيءِ مايا وانگر لڳي رهي آهي،
رڳو هي سڀ خون ٿي مايا نه آهن
جن کي آءٌ ڪڍڻ چاهيان ٿو
پر ڪڍي نه ٿو سگهان.

([illegible])

ڪنهن چاتو هو
تہ جي ماڪ ڦڙن ۾ پٽ ڪيئن تي ھائڪو لکي سگھندا ھا،
برما ۾
آڱرين انگڻ تي
سگريٽ جا ڏنڀ ڏئي سگھندا!

—

([illegible])

”اسان سمجھو زندگيءَ جي گجھارت کي،
”موت جي گجھارت کي،
”تخليق ڪاريءَ جي خوبيءَ کي،
”عاشقيءَ جي خوبيءَ کي-
”ھاڻو، انهن کي اسان سمجھو.
”باقي رهيون دنيا کي بدلائڻ جهڙيون خسيس ڳالھيون-
”اھي ڳالھيون اسان لاءِ نہ آهن“
(ڊاڪٽر زواگو)

پيسترنڪ!
پيسترنڪ!!
عظيم شاعر، چا ٿو چوين؟

—

٨

## ( ڪاري )

تہ - ڀريءَ جي ٽِهڪن آس ۾ جڏهن ڪانوَ جي اک ٿي نڪري،
۽ لڱ چيٽ جي جهولي ۾ ٽپي ٽنور ٿي وڃن ٿا،
جڏهن پکي پکڙ آکيرن اوڏانهن ٿين ٿا،
۽ ماڻهو مانيءَ ڳيهو ڪائي اک لاڏن ٿا،
آن وقت هنن کي ڏسن جي ٽوُنس ڇڪي ٿي
۽ جهرجهنگ ۾ ملاڏي ٿي؛
ڪنهن ڪبڙ/لٺيءَ جي ڀوني ۾ ڇنڊ ڀر ٿني ٿي،
ڪنڊيءَ جي ڪامَ تان
ننڍا کرو ڪارڪنڇي
ڏاهه ڪائي آڏامي ٿو،
تہ ڪائي ڪونج جهڙي ڳڇي
ڇرڪي مٿي ڏسي ٿي،
۽ وري ڳاٽ لاڙي
اکيون ٻوري،
ٻٽ ٿي ٻڇي رهي ٿي،
ٻوھ ٻہ آسات، آت آسات
۽ ڪارا ڪرڙا جي هن جي اندر ٻين سچ مان نڪرن ٿا!
اندر بہ سچ، ۽ ٻاهر بہ سچ!

Gul Hayat Institute

۽ اوچتو ٻگهر ۾ لوڏيل ڀهار تي
کهاڙيءَ جا ٻه ڌڪ –
واڏوڙي، منجهيل رڙ،
رت، ڳاڙهو، ڪوسو رت،
گهونگهر گهنڊيون،
ٽِر ٽِروڪڙيون رَتُ،
۽ رت جي ڏٻي ۾
اونهاري جو آهاڻ!



Gul Hayat Institute

(٦)

سمنڊ موٽي رهيو آهي
سمنڊ کي ننڊ اچي رهي آهي.
روزمره جي زندگيءَ سان ٽڪرائجي،
عشق جي ڪشتي ٽٽي پئي آهي.
ٺهيو، تنهنجو منهنجو حساب چڪتو!
هاڻي اجائي آهي
فهرست ڏاهن
هڪ ٻئي کي ڏنل ڏکن جي
غمن جي
دردن جي-

(مايا ڪوسڪيءَ جو نظم جو هن خودڪشيءَ
کان هڪ رات اڳ لکيو هو)

مايا ڪوسڪي!
دوست!
ڪاش مون ۾ تو جيتري ارادي جي قوّت هجي ها!

—

Gul Hayat Institute

[illegible]

تنهنجا وار
ساوڻ جون گهٽائون
۽ منهنجون اکيون
ٻه ڪاريون ڪويليون.

—

○

هي ساوڻ جو ڇمر
ميرانديءَ هيٺان ڏئي
ليٽي پئو،
پنهنجون ڇڳون هٽائي
ته جيئن تنهنجي منهن جي ڇانوَڪي
مون تي پئي سگهي.

Gul Hayat Institute

تون ڪير آهين
جو دور تان مون کي سڏي رهيو آهين
۽ تنهنجا سڏ
منهنجون هڏيون جهنجهوڙي رهيا آهن
۽ تنهنجا سڏ ڪا
طوفان ۾ ويڙهجي ويا آهن
۽ ڏورانهان لڳي رهيا آهن؟
ٻـو ۾
منهنجي دل جي ڌڪ ٻيهجي وئي آهي،
۽ وراڻي
منهنجن چپن تي
برف وانگر ڄمي وئي آهي.
ڇا ائين ابد تائين
تنهنجا سڏ
طوفان ۾ ٻُرندا رهندا
۽ منهنجن چپن تي
برف
ڄمي رهندي؟

Gul Hayat Institute

منهنجا گيت

توُن جو وڄ جي ٽاريءَ تي
گُل وانگر
ٽڙيو آهين
ڇا
منهن پوري ٿي ويندي
تہ توُن بہ
ڇڻي ويندين؟

---

آويءَ ۾
رکيو ٺانوَ نہ پچي نہ رهيا آهن
آويءَ ۾
منهنجن هٿن جو
آهو ڇهاءُ بہ تپي ويو آهي
جنهن اهي ٺانوَ لسايا آهن.

---

ساز آجهامي ويا آهن
وڳو ڏينو
پِٽ پوٽ ڪري رهيو آهي
سناٽي ۾ —
تون ڪٿي آهين جنهن مون کي گيت ڏنا هئا؟
تون جا پاڻ
هر گيت کان وڏيڪ
سڀ کان سريلو گيت هئين!

---

منهنجي دل
هڪ زخمي فاختہ وانگر
تڙپي رهي آهي
تو لاءِ
جنهن
مون تي رحم ڪانه ڪيو
پنهنجا تير
ترڪش ۾ موٽائي وڌا آهن.

---



Gul Hayat Institute

(٣)

جڏهن به مون کي تنهنجي ياد ايندي آهي،
منهنجن هٿن تي نرگس جا گل ڦٽي پوندا آهن -
هٿ، جن سان مان تنهنجيون اکيون ڍڪي،
تنهنجن چپن کي چميندو هوس.
جڏهن به مون کي تنهنجي ياد ايندي آهي
تڏهن ائين لڳندو آهي
ته ڪائي هرڻي سارا سٿرو ڇڏي
ڪنهن آءُ تڙ تي آئي آهي -
آءُ تڙ، جنهن ۾ سوين ستارا جرڪي رهيا آهن
۽ جنهن ۾ نيرو آسمان ٻڏي ويو آهي.
جڏهن به مون کي تنهنجي ياد ايندي آهي،
مون کي ساوا ميدان نظر ايندا آهن،
تنهنجي پاڪ ڪر وانگر وڏا، ساوا ميدان!
هائو، جڏهن ڏينهن ڏاڍو تپي ويندو آهي،
تون مون کي ڏاڍو ياد ايندي آهين.

---

٥

ڇنڊ آڪاس مان
ڪنهن جوڳيءَ جي ڪنڊلي وانگر لڙڪي رهيو آهيءَ
۽ منهنجو من
هن سنسار مان ڪٿو ٿي پيو آهيءَ
منهنجين اکين مان ڳوڙها وهي رهيا آهنءَ
۽ اڏين ٿو لڳي
تہ هين ڦڪيءَ، بي سواديءَ زندگيءَ ۾
لوڻ رڳو ڳوڙهن ۾ آهي.
نہ ڄاڻان مان ڪنهن لاءِ روئان ٿو!
نہ ڄاڻان مان ڇا لاءِ روئان ٿو!

Gul Hayat Institute

○

مينهن بس ٿي ويو ۽
ڪڪر
ڪارونڀار ڪري
پنهنجي گهر وڃي رهيا آهن
ٻهاڙ جي پٺيان؛
ننڍاڪرا مور
پرن ۾ سڪوڙجي ويٺا آهن
۽ رات لهي آئي آهي
پاري نگر تي
جتي سڏونت اڄا تائين سڏي رهيو آهي
سارنگا کي.

—

Gul Hayat Institute

(٩١)

جڏهن ڪوڙها سڪي ويندا آهن

۽ ناڪئا پنهنجيون پيڙيون

گهاٽ تي ڇڏيندا آهن،

جڏهن پاڻيءَ جا پکي

واهيرن ڏانهن ورندا آهن،

۽ پارن جا ٺهڪڙا

سانت ۾ سمائجي ويندا آهن،

جڏهن ڏکڻ جو واءُ

ٿنهنجي دامن وانگر لڳندو آهي

۽ رات

منهنجيءَ اذيت تي مرهم رکندي آهي،

سان توکي ڳوليندو آهيان منهنجي شاعري!

ٿون جا مون کان وڇائجي وئي آهين.



Gul Hayat Institute

## سنڌ پبليڪيشن پاران ڇپجي شايع ٿيندڙ ڪتاب

- فلسطيني ڪهاڻيون — سهيڙيندڙ: زيب سنڌي
(محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ، نجم عباسي، ممتاز عباسي ۽ آزاد قاضي جون ترجمو ڪيل، انقلابي فلسطيني ڪهاڻيون)
- ٽيون وجود — (ڪهاڻيون) — امر جليل
- ساهيوال جيل جي ڊائري — شيخ اياز
- جڏهن ماڻ نه هوندس — (ڪهاڻيون) — امر جليل
- سياري جي رات — (ڪهاڻيون) — رشيد ڀٽي
- جيجل منهنجي ماءُ — (ڪهاڻيون) — امر جليل
- موٽندڙ چوليون — (ڪهاڻيون) — عبدالقادر جوڻيجو
- تاريخ جو ڪفن — (ڪهاڻيون) — امر جليل

## پڙهندڙن لاءِ ضروري اطلاع

سڌو سنئون اداري کان گهٽ ۾ گهٽ ٽيهن روپين جا مختلف ڪتاب گهرائڻ تي ٽپال خرچ ادارو برداشت ڪندو. گهٽ آرڊر جي صورت ۾ ٽپال خرچ خريدار جي ذمي هوندو – هر صورت ۾ ايڊوانس طور پنجين روپين جون ٽپال جون ٽڪليون موڪلڻ ضروري آهن – آهي پنج روپيا، ڪتابن جي رقم مان ڪاٽي، ڪتاب وي- پي- ڪيا ويندا.

مئنيجر: سنڌ ڪتاب گهر
جناح باغ روڊ، لاڙڪاڻو سنڌ.

